# ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو

## ضلع مٽياري



## سنڌ ارلي لرننگ انهانسمينٽ ٿرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن

## (SELECT)

ريفارم سپورٽ يونٽ (RSU)

اسڪول، ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ

حڪومت سنڌ

G3 Engineering Consultants (Pvt.) Ltd.

## رپورٽ جو خلاصو

اي ايس 1: اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ اعليٰ ثانوي اسڪول جي سطح ( گريڊ 12 )تائين تعليم مهيا ڪرڻ جو ذميوار آهي.سنڌ جا اهم تعليمي مسئلا اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان ڪي عملي جامو پهرائڻ جي ضرورت تي زور ڏين ٿا، ۽ اهو سيڪٽر پلان، تعليم کاتي ڪي اسڪولن جي تعليمي پلان ۾ هڪ رهنما حڪمت عملي مهيا ڪري ٿو ۽ تعليم کاتي جي رٿابندي جي رخ جو تعين ڪري ٿو. سنڌ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان ۽ روڊ ميپ (SESP&RP) 2019-24 جي ترجيح ابتدائي تعليم ۽ ثانوي تعليم ڏانهن توجه ڏيڻ آهي. سنڌ جي تعليم ۽ خواندگيءَ جي کاتي طرفان،ڪلاس روم ٽرانسفارميشن  جي ذريعي سنڌ ۾ شروعاتي درجن جي پڙهائيءَ جي واڌاري لاءِ هڪ منصوبو (SELECT) سنڌ ارلي لرننگ انهانسمينٽ ٿُرو ڪلاس روم ٽرانسفارميشن شروع ڪيو ويو آهي. هن پروجيڪٽ جي اهم مقصدن ۾ ورلڊ بينڪ جي مالي سهڪار سان اسڪولن ۾ ٻارن جي گهٽ داخلا، تدريس جي مروج پراڻن طريقن، گهٽ محفوظ ۽ غير معياري اسڪولي عمارتن جهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ آهي. ان سان گڏ سنڌ جي 12 ضلعن ۾ پرائمري درجي جي شاگردن جي پڙهڻ (ريڊنگ) جي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ ۽ اسڪولن ۾ شاگردن جي داخلا جي شرح وڌائڻ پڻ آهي. پروجيڪٽ جي لاڳت 154.7625 ملين ڊالر آهي جنهن ۾ گلوبل پارٽنرشپ جي ذريعي ملٽيل پارٽنرشپ آف ايجوڪيشن گرانٽ جا .54.7625 ڊالر پڻ شامل آهن، پروجيڪٽ جا 4 جُز (ڪمپوننٽ) آهن، جن ۾ ڪمپوننٽ 2 ۾ معياري ۽ محفوظ ماحول وارو تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ 600 پرائمري اسڪول تعمير ڪيا ويندا ۽ 550 مڊل ۽ 50 سيڪينڊري اسڪول اپ گريڊ ڪيا ويندا. سليڪٽ پروجيڪٽ جي ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي انتظامي فريم ورڪ يعني اِي ايس ايم ايف (ESMF) مطابق پروجيڪٽ E&S  جي درجه بندي معتدل آهي چو ته پروجيڪٽ جي سول ڪم دوران E&S  جا جيڪي خطرا ۽ ناڪاري اثر پيدا ٿي سگهن ٿا، اهي عارضي، مُنهن ڏيڻ جوڳا ۽ مناسب اُپاءَ وٺي آسانيءَ سان ٽاري سگهڻ ۽ وقتائتا قدم کڻي ا ڳوات روڪڻ جهڙا آهن. هيءُ ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو منصوبو (اِي ايس ايم پي) وچٿري قسم جي خطرن کي مُنهن ڏيڻ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. مٿياري ضلعي ۾ ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ پاران اسڪولن جي چونڊ جي معيار موجب چونڊيل ۽ سيڪريٽري سنڌ ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ طرفان نوٽيفاءِ ڪيل 27 اسڪول ٻيهر تعمير/بحالي لاءِ چونڊيا ويا آهن، پروجيڪٽ مينيجمينٽ اينڊ امپليمينٽيشن يونٽ (PMIU) جي ماحوليات ۽ سماجي انتظام يونٽ (ESMU) پاران هڪ E&S  اسڪريننگ چيڪ لسٽ تيار ڪئي ، جيڪاESMF پروجيڪٽ جي E&S  اسڪريننگ چيڪ لسٽ مان ڪنئي ويئي آهي. ڪل  46 اسڪولن جي اسڪريننگ E&S  اسڪريننگ چيڪ لسٽ ذريعي ڪئي وئي ۽ 27 اسڪول تعمير/بحالي لاءِ موزون قرار ڏنا ويا. اسڪولن کي الڳ "ٽيڪنيڪل نيڊ اسيسمينٽ چيڪ لسٽ" ذريعي پڻ چڪاسيو ويو. هي ESMP بيس لائين، E&S  خطرن ۽ انهن جي اثرن، E&S  جي خطرن ۽ ضمني رٿائن جي اثرن جي گهٽتائي جا قدم مهيا ڪري ٿي جن جي نشاندهي ضلعي مٽياري ۾ اسڪولن جي E&S اسڪريننگ دوران ڪئي وئي هئي. اسڪولن جي اسڪريننگ دوران متاثر ڌرين، دلچسپي رکندڙ پارٽين ۽ ڪمزور گروپن سان اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت پڻ ڪئي وئي.

اي ايس 2: سليڪٽ پروجيڪٽ هيٺ مٽياري ضلعي ۾ اسڪولن جي تعمير لاءِ قانوني، ريگيوليٽري ۽ انتظامي فريم ورڪ آئيني شقن، ملڪي قانونن ۽ ورلڊ بئنڪ ESF جي عملداريءَ تي مشتمل آهي. ورلڊ بئنڪ جي ESF (ESSs) مطابق هي ESMP وچٿري سطح جي خطرن جي امڪانن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي. بهرحال، سنڌ جي EPA ريگيوليشن نوٽيفڪيشن سيپٽمبر 2021 تحت، ضابطن جي شيڊول II جي مطابق، ذيلي يا ضمني رٿائون IEE اپياس جي دائري ۾ اچن ٿيون. اهو واضح ڪري ٿو ته تعليمي ۽ تدريسي ادارن جي تعمير جو جائزو IEE اپياس (اسٽڊي) کي سامهون  رکي ڪيو ويندو. تفصيل لاءِ مهرباني ڪري SEPA (ماحولياتي جائزي) ضابطن 2021 جو شيڊيول J - II (5) ڏسو.

اي ايس 3: هيءُ باب 27 اسڪولن جي ذيلي منصوبن جي تفصيلي وضاحت ڪري ٿو جن ڪي E&S اسڪريننگ ۽ ضرورت جي جائزي جي سروي کان پوءِ حتمي شڪل ڏني وئي آهي. ان ۾ ماڊولر، آرڪيٽيڪچرل، انجنيئرنگ ۽ سائيٽ جي مخصوص ڊيزائن، ضروري حفاظتي خاصيتون، تعميراتي شيڊول، صاف پاڻي ۽ نيڪاس جون سهولتون، سي آر آئي ۽ صنفي حساسيت ۽ هر عام ۽ خاص جي شموليت جون خاصيتون شامل آهن. ساحلي ۽ غير ساحلي ضلعن ۾ مختلف موسمي حالتن جي ڪري، شروعاتي طور تي 6 ماڊيولر ڊزائينون تيار ڪيون ويون آهن، سيني 12 ضلعن لاءِ 6 ماڊلر ڊيزائن تيار ڪيا ويا آهن. جن مان 2 ڊزائينون ضلعي مٽياري لاءِ استعمال ڪيون ويون آهن.. اهو پڻ هن باب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته سليڪٽ پروجيڪٽ تحت تعمير ٿيندڙ اسڪولن جي عمارتن کي روشن ۽ هوادار رکيو ويندو، جنهن تي اونهاري جي گرميءَ جي شدت اثرانداز نه ٿيڻ جهڙين خاصيتن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. تعمير جي دوران هڪ اهم پهلو مزدورن جو انتظام آهي، ان بابت پڻ تفصيل سان آگاهي ڏني وئي آهي جهڙوڪ ليبر ڪيمپ ۽ مزدورن لاءِ پيئڻ ۽ ٻئي واهپي لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست وغيره. هڪ ٻيو اهم پهلو جنهن کي تعمير دوران گهٽي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي، اڏاوتي مٽيرئل ۽ ٻئي سامان کي جوڳي انداز ۾ سنڀالڻ ۽ محفوظ ڪرڻ، خاص طور تي اهڙو مٽيرئل جنهن سان ڪنهن نقصان ٿيڻ جو انديشو هجي، اهو پڻ هن باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اسڪولن جي اڏاوت دوران اسڪول ۾ٿيندڙ پڙهائيءَ ۽ تدريسي ڪمن ۾ رخنو پئجي سگهي ٿو، انڪري تعليم کي پهچندڙ ڪنهن امڪاني نقصان کان بچڻ لاءِ موجود گائيڊلائين تحت تعليم جي ضلعي ۽ تعلقي آفيسرن ۽ مقامي آباديءَ جي گڏيل سهڪار سان ”متبادل اسڪول جو بندوبست“ ڪيو پيو وڃي. ان جو تفصيل هن باب ۾ پڻ ڏنو ويو آهي.

اي ايس 4: هي باب مٽياري ضلعي جي 27 اسڪولن جي ذيلي منصوبن لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي بنياد فراهم ڪري ٿو. ضلعي جي آبادي لڳ ڀڳ 849،383 آهي جيڪا 158,559 گهرن ۾ رهائش پذير آهي. تجويز ڪيل اسڪولن جي اڏاوت جا منصوبا موجوده پرائمري اسڪولن کي ٻيهر تعمير ڪرڻ آهن. چونڊيل اسڪولن جي گھڻائي (92.06%) ڳوٺاڻن علائقن ۾ جڏهن ته باقي 7.04% شهري ۽ نيم شهري علائقن ۾ تعمير ٿيل آهن. هن اسٽڊي (مطالعي) ۾ ڪيترن ئي پهلوئن کي سامهون رکيو ويو آهي، جن ۾ ٽوپوگرافي، ارضيات، آبهوا، زمين جي مٿاڇري تي موجو پاڻيءَ جي سطح ۽ جَر جي پاڻي جا وسيلا، هوا ۽ ماحول ۾ موجود گوڙ جو مقدار ۽ معيار، مٽي ۽ آبي ۽ فضائي جيوت ۽ سماجي-اقتصادي لقائن جهڙوڪ ڊيموگرافي، معيشت، ۽ تعليم شامل آهن.

مٽياري ضلعي جي جاگرافيائي بيهڪ زرخيز ميدانن واري آهي، جيڪا زراعت کي هٿي وٺرائي ٿي، هتي جي مٽي چيڪي ۽ وارياسي آهي، جيڪا سنڌو درياءَ جي وهڪري جي ذخيرن منجهان آهي ۽ زلزلي جي سرگرمي گهٽ آهي..

مٽياري ضلعي ۾ اونهاري ۾ تمام گهڻي گرمي ٿئي ٿي ۽ سياري ۾ گرمي پد ٿڌو ۽ خشڪ رهي ٿو. چوماسي جون برساتون مختلف انداز سان اثر انداز ٿين ٿيون، مون سون جي برساتن سبب اسڪول جي عمارتن کي وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو. پيئڻ جي پاڻيءَ جا ذريعا الڳ الڳ آهن، اڪثر سب پروجيڪٽ سائيٽن ۾ پيئڻ جي پاڻي جا ذريعو نلڪا آهن، بهرحال، پاڻي جي معيار جي جائزي مان خبر پوي ٿي ته ان ۾ آلودگي آهي، خاص طور ڪوليفارم بيڪٽيريا موجود آهن، هڪ سائيٽ تي TDS جو مقدار SEQ جي حد کان گهٽ آهي. فضائي هوا جي معيار جي نگراني SEQS جي تعميل کي ظاهر ڪري ٿي، پر تعميراتي سرگرميون شايد هوا جي معيار ۽ شور جي سطح لاءِ خطرو بڻجي سگهن ٿيون، خاص ڪري ڳوٺاڻن ۽ شهري علائقن ۾. ضلعي ۾ وسيع جيوتائي تنوع جو مشاهدو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته، ذيلي پروجيڪٽ وارن علائقن مان گهٽ ۾ گهٽ/ڪنهن به خرابي جي تجويز نه ڏني وئي آهي، جن ۾ عام نباتات ۽ جانورن جي نسلن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ڪابہ جيوت يا خطرناڪ نسلن کي رڪارڊ نه ڪيو ويو آهي. ڪو به ذيلي پروجيڪٽ سائيٽن جي نشاندهي ٿيل رامسر سائيٽ يا جهنگلي جيوت جي پناهہ گاهہ وارن علائقن ۾ موجود ناهي.

ضلعي ۾ صحت جون ڪيترين ئي سهولتون آهن، پر سنڌ جي مجموعي صحت جي بنيادي ڍانچي جي مقابلي ۾ فرق موجود آهن. زميني پاڻي بنيادي ذريعو آهي، پر صفائي جو بنيادي ڍانچو بهتر نه آهي، جنهن ڪري مسئلا پيدا ٿين ٿا جهڙوڪ ڪليل رفع حاجت. ضلعي ۾ ڪيترائي اسڪول آهن، پر بنيادي ڍانچي ۽ صنفي برابري جي حوالي سان مشڪلاتون موجود آهن. MPI مطابق سنڌ جي سراسري جي ڀيٽ ۾ مٽياري ۾ غربت گهڻ رخي شڪل ۾ موجود آهي. ننڍا ننڍا تڪرار مقامي طور تي حل ڪيا ويندا آهن. جنهن مان هڪ پرامن ماحول جي نشاندهي ٿئي ٿي. موبائيل ڪميونيڪيشن تائين پهچ سني آهي، پر اسڪولن ۽ مختلف علائقن ۾ بجلي جي فراهمي جي صورتحال الڳ الڳ

آهي. ضلعي جي معيشت زراعت، چوپائي مال ۽ مڇيءَ ۽ صنعتن، هوٽلن، ريسٽورنٽس تي دارومدار رکي ٿي. منصوبي جي ماحولياتي تفصيل ۽ تصويرون باب 4 ۾ ڏنيون ويون آهن. E&Sچڪاس جو خلاصو هن رپورٽ جي ضميمي ب ۾ ڏنو ويو آهي.

اي ايس 5: ٺٽياري ضلعي ۾ پروجيڪٽ لاءِ اسٽيڪ هولڊرز جي مشاورت جو عمل وسيع ۽ جامع رهيو آهي، جنهن ۾ مختلف اسٽيڪ هولڊرز کي ڪيترن ئي سطحن تي شامل ڪيو ويو آهي .اسٽيڪ هولڊرز ۾ پروجيڪٽ جي متاثر پارٽين، بين دلچسپي رکندڙ ڌرين ۽ پوئتي پيل، ڪمزور گروپن کي شامل ڪيو ويو آهي. تعلقہ سطح جي ٻارهن مشاورتي گڏجاڻين ۾ 559 ماڻهن شرڪت ڪئي ، جن ۾ قابل ذڪر % 53 سيڪڙو عورتن جي حاضري، عام ماڻهن جي دلچسپي کي ظاهر ڪري ٿي. انهن مشاورتن ۾ تعليم ۽ سماجي ڀلائي واري کاتي جا نمائندا، سول سوسائٽي جي تنظيمن، معذورن جي حقن جي گروهن، اقليتي نمائندن، والدين، استادن ۽ شاگردن شامل هئا. مشاورت لاءِ ڪيل انهن ويهڪن ۾ ثمر آور گفتگو ۽ ڳالهين ذريعي اسڪول جي چونڊ کان وٺي WASH جي سهولتن ۽ مزدورن جي پورهئي تائين جهڙن سمورن معاملن تي آگاهي ۽ ويچار ونڊڻ ۾ مدد حاصل ٿي ۽ مقامي ماڻهن جي ضرورتن جي هڪ اجتماعي فهم مان لاڀ ورتو ويو. ڇوڪرين جي تعليم ۽ مجموعي طور اسڪول جي بهتري لاءِ ان جي امڪاني فائدن کي تسليم ڪندي، منصوبي جي حوالي سان ڪميونٽي جي مثبت جذبي تي زور ڏنو ويو آهي. خاص تفصيل ضميمي H & I ۾ ڏنل آهن.

اي ايس 6: مثبت اثر :تجويز ڪيل ذيلي پروجيڪٽ جي حوالي سان اها توقع ڪئي وئي آهي تہ اهي وڏي حد تائين مقامي ماڻهن ۽ ملڪ لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا، گڏوگڏ:

- اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ۾ اضافو ٿيندو، خاص طور تي نياڻين جي تعليم کي هٿي ملندي.
- نئين سر تعمير ٿيندڙ اسڪول وڌيڪ سازگار تعليمي ماحول فراهم ڪندا ۽ اسڪولن تائين پهچڻ لاءِ سفر جي فاصلي کي بہ گهٽائيندا.
- ٽوائلٽس ۽ واش رومن جي سهولتن جي تعمير سان اسڪولن ۾ صفائي جي نظام کي بهتر ڪيو ويندو، ۽ اهڙي طرح صحت جي صورتحال بهتر ٿيندي.
- اڏاوت جي عرصي دوران هنرمند ۽ نيم هنرمند ماڻهن کي جُز وقتي روزگار حاصل ٿيندو.
- شاگردن جي وڌندڙ داخلا جي گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ عورت استادن جي ملازمت يا ڀرتيءَ کي هٿي وٺائيندو.

استادن لاءِ تدريس جي شعبي جي نوڪريءَ کي اطمينان بخش ملازمت جي احساس ۾ واڌارو آڻيندو جنهن سان اسڪول ۾ مثبت ماحول جُڙندو.

- تعليمي نظام ۾ والدين جي فائديمند شموليت کي فروغ ڏيندو.

تجويز ڪيل منصوبي جا ممڪن منفي اثر.

ٺٽياري ضلعي ۾ 27 اسڪولن جي نئين تعمير ۽ بحاليءَ جو ڪم ناگزير طور تي ماحول جي حياتياتي ۽ سماجي حصن کي مختلف درجي جي منفي اثرن جهڙوڪ عارضي شور ۽ گوڙ ، فضائي گدلاڻ ، پاڻي جي گدلاڻ سالڊ ويسٽ ۾ اضافو ڪندو، ملازمت (پورهئي) دوران صحت ۽ سلامتيءَ جو خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو. مقامي آباديءَ جي صحت ۽ سلامتيءَ جا خطرا، امڪاني جنسي استحصال ۽ بدسلوڪي/جنسي هراساني جا خطرا، ٻارن جي مزدوري وغيره انهن امڪاني منفي اثرن جو خلاصو هن رپورٽ جي جدول 36 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

اي ايس 7: پوري منصوبي جي پڄاڻي تائين ماحولياتي ۽ سماجي انتظام ۽ مانيٽرنگ پلان ڪيترن ئي حساس جزن تي مشتمل آهي جيئن ماحولياتي ۽ سماجي تحفظات جي اثرائتي نفاذ کي يقيني بڻائي سگهجي . ESMMP جا اهم حصن ۾ عمل درآمد جو ادارتي فريم ورڪ، نگراني، رپورٽنگ جو طريقہ ڪار، ٽين ڌر کان چڪاس ڪرائڻ ۽ لاڳاپيل ڌرين جو ڪردار شامل آهن. سنڌ ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ، پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ۽ امپليمينٽيشن يونٽ، ڊيزائن ۽

سپرويزن صلاحڪار ۽ بين فني ۽ مالياتي سهڪاري ادارن جي سهڪار سان هن منصوبي جي عمل درآمد ڪندڙ ادارو هوندو. نگراني ۽ رپورٽنگ ڪيترن ئي سطحن تي ڪئي ويندي. بشمول پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ۽ امپليمينٽيشن يونٽ، ڊيزائن ۽ سپرويزن صلاحڪار ۽ نيڪيدارن جي سطح تي. منصوبن جي اثرائتي عملدرآمد کي يقيني بنائڻ لاءِ ٽين ڌر کان تصديق، وڌيڪ احتساب، ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ کي تعميل کي يقيني بنايو ويندو. مختلف لاڳاپيل ادارن جا ڪردار ۽ ذميواريون جن ۾ بشمول پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ۽ امپليمينٽيشن يونٽ، ڊيزائن ۽ سپرويزن صلاحڪار، ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا ماهر شامل آهن، واضع طور تي بيان ڪيل آهن. جيڪي موثر رابطا ڪاري ۽ عملدرآمد کي يقيني بنائيندا. مخصوص پلان جهڙوڪ نيڪيدار جو ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جو پلان، ليبر مئنيجمينٽ طريقہ ڪار، ڪئمپ مئنيجمينٽ پلان، گدلاڻ کي ڪنٽرول ڪرڻ جو پلان، ڪچري جي انتظام ڪاري جي تفصيلي حڪمت عملي، ٽريفڪ ڪنٽرول، خطري واري سامان جي سنڀال، پيشہ ورانہ صحت ۽ تحفظ ۽ ڪميونٽي جي صحت ۽ تحفظ شامل آهن.

ESMP جي عمل درآمد لاءِ (هڪ سال جي تخميني طور) ./21،861،400 روپيا مختص ڪيل بجيٽ آهي جنهن ۾ شڪايت جي ازالي جي نظام يعني گريونس ريڊريس ميڪنزم (GRM) هلندڙ ۽ عام ڪميونٽي جي مدد جون ضرورتون شامل آهن. انهيءَ فنڊ کي ESMP بل ۽ بل آف ڪئانٽٽي (BOQ) هڪ مددي سهولت طور تي شامل ڪيو ويو آهي. ESMP جي نفاذ ۾ تعميراتي نيڪيدار (CC) ، پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ۽ امپليمينٽيش يونٽ، ڊيزائن۽ سپرويزن صلاحڪار جون صلاحون شامل آهن،تعميراتي نيڪيدار (CC) بنيادي طور تي تجويز ڪيل تخفيف جي قدمن تي عمل درآمد کي يقيني بڻائڻ جو ذميوار هوندو، جيڪي معاهدي جي دستاويزن جو حصو هوندا .ان ڪري ان ۾ ماحولياتي تحفظ جي لاءِ حفاظتي قدمن جي لاڳت الڳ سان دستاويزن ۾ شامل آهي، جيڪي معاهدي جو لازمي حصو هوندا. بهرحال جيڪڏهن CC منصوبي تي عمل درآمد ۽ رپورٽنگ جي صحيح طريقي کي لاڳوڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي تہ مجاز ذريعون اِي ايس ايم پي جي تعميل سميت معاهدي تي عملدرآمد جي سرگرمين کي آسانيءَ سان هلائڻ لاءِ معاهدي جي ٻين شرطن جي تعميل کي لاڳو ڪندو .اها سفارش ڪئي وئي آهي تہ منصوبي تي عملدرآمد سان لاڳاپيل سيئي بل ، ادائگيون ڊيزائين ۽ سپرويزن (DSC) ماحوليات ۽ سماجيات پاران منظور تصديق ٿيل هونديون. جيستائين عملدرآمد جي تعميل نہ ٿي ڪئي وڃي، ايستائين عبوري ادائيگي جي سرٽيفڪيٽن (آءِ پي سِيز) عملدرآمد واري رقم ڪٽي ويندي.

اي ايس 8: سليڪٽ پروجيڪٽ جي اندر شڪايتن جي ازالي جو طريقه ڪار (GRM) ناهيو ويو آهي، موثر طريقي سان پراجيڪٽ جي سرگرمين سان لاڳاپيل شڪايتن کي حل ڪرڻ لاءِ، عالمي بئنڪ جي ماحولياتي ۽ سماجي معيارن (ESSs) تي عمل ڪندي. تعميراتي سائيٽ جي سطح تي، ڪميونٽي رابطا آفيسر (CLOs) ۽ شڪايتي فوڪل پرسن (GFPs) جي اڳواڻي ۾ شڪايتن جي ازالي جا سيل (GR Cells) پروجيڪٽ متاثر ماڻهن (PAPs) پاران اٿاريل مسئلن جي حل لاءِ ڪليل رابطي ۽ تعاون کي يقيني بڻائين ٿا. پيچيده شڪايتون PMIU سطح تي مرڪزي گِريونس ريڊريس ڪميٽي (GRC) ڏانهن أماڻيون وڃن ٿيون، جنهن وٽ هڪ اليڪٽرانڪ ڊيٽابيس آهي، جنهن ۾ انهن شڪايتن جي ڊيٽا محفوظ رهي ٿي ۽ مرڪزي ڪميٽي سڄي عمل جي نگراني ڪري ٿي، منصفانہ ۽ تيز حل کي يقيني بڻائي ٿي. حساس شڪايتن کي حل ڪرڻ لاءِ خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو جهڙوڪ صنفي تشدد يا جنسي حراسگي يا تشدد ( SEA/SH ۽ VAC). ان سان گڏوگڏ مزدورن جي شڪايت جي ازالي جو هڪ ميڪنزم پورهئي ۽ پورهيتن جي مقرر پئمانن جي تعميل کي يقيني بڻائي ٿو ۽ سازگار هم آهنگي سان ڪم ڪرڻ جي ماحول کي فروغ ڏئي ٿو. GRM يعني شڪايتن جي ازالي جو مڪينزم اسٽيڪ هولڊرز جي شموليت، صنفي ذميدارين ۽ ثقافتي موزونيت تي زور ڏئي ٿو، عالمي معيارن سان مطابقت رکندي عوام جي خدمت جي هاڪاري ترسيل ۽ مقامي آبادين جي چڱ ڀلائيءَ تي زور ڏئي ٿو.